ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# سنڌي گرامر ۾ تصغيري روپن جو اڀياس

## The study of Diminutive forms in Grammar of Sindhi language


**Abstract**

Diminutive forms occur in every language. But in some languages, only nouns are diminutive, while in Sindhi, diminutive forms exist in other parts of speech besides nouns. For example, diminutive forms also exist in verbs, adjectives, and adverbs as well.

In Sindhi language. Diminutive form is more philosophical than grammatical. In Sindhi, the diminutive form is based on humility, love, and intimacy. Because Sufism is embedded in the psychology of the Sindhi people, from classical poetry to the present day, the basic philosophy of Sindhi literature is Sufism. Sufism has major feature of Humility and modesty, complete absence of pride and arrogance, which has had an impact on the Sindhi language. The diminutive noun has many forms in Sindhi. In some dialects, diminutive nouns are used very frequently. Various parts of next para speech. In this paper I have found out the different aspects and forms of diminutive forms of which are being used in sindhi language in contemporary period.


تصغير لفظ صغير مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ ننڍو ‘، پر جڏهن اسان اسم تصغير جي ڳالهه ڪريون ٿا تہ هتي گرامر جي اڀياس ۾ داخل ٿي وڃون ٿا. گرامر ۾ اهو اسم جنهن کي ننڍو ڪيو ويو هجي، ان کي اسم تصغير چئبو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ صرف اسم پر سنڌي گرامر جي اَٺن لفظن مان ٻيا لفظ بہ تصغيري روپ وٺن ٿا. پر توجہ فقط اسم جي تصغيري روپ تي رهي آهي. سنڌيءَ ۾ اسم تصغير ايترو سادو ناهي جيترو ٻين ٻولين ۾ آهي. يعني سنڌيءَ ۾ ان جو فقط هڪ ئي قسم نہ آهي، پر بناوت توڙي ڪارج جي لحاظ کان ان جا ڪيترا ئي قسم آهن، جنهنڪري ان جي معنيٰ بہ الڳ الڳ روپن ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

مثال: پنهونءَ مان پنهل، راڻي مان راڻل، ڇوڪر مان ڇوڪراٽ، ڄام مان ڄاموٽ، وغيره

هتي اسم تصغير جو فلسفو الڳ آهي. هتي مراد فقط ننڍڙو ڪرڻ ناهي، پر هتي اسم تصغير ڪنهن اسم جي لاڏ ڪوڏ واريءَ معنيٰ کي بہ ظاهر ڪري ٿو. جيڪا شيءَ ننڍڙي آهي، ڇا اها پياري آهي. مثال ٻار اڳم ننڍڙو آهي پر ٻارڙي يا ٻارڙو چوڻ مان مراد ايا ننڍڙو ڪرڻو آهي يا لاڏ ڪوڏ ظاهرڪرڻو آهي؟ جنهن جو جواب آهي ننڍڙي روپ سان گڏ لاڏڪوڏ واريءَ معنيٰ کي بہ ظاهر ڪرڻ.

هن مثال ذريعي اسم تصغير جي ان لاڏڪوڏ ۽ پيار واري روپ کي وڌيڪ واضع طور تي سمجهي سگهجي ٿو. چپ مان چپڙن. هتي چپن کي ننڍو ڪرڻ جي مراد ناهي پر چپن کي پيار مان چپڙا چيو ويو آهي. راٽي مان راٽل. هتي راٽي کي ننڍڙو ڪرڻ مراد ناهي، پر راٽل پيار مان چيو وڃي ٿو. جيئن ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ بہ اها ڳالهہ ڪئي آهي. "اسم تصغير جي خيال کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ طريقو اهو آهي تہ مذڪر جي جڳهہ تي مونث پڇاڙي لڳائجي ۽ مونث جي سببان مفهوم ڪنهن شيءَ جي ننڍي نازڪ ۽ چڱي هئڻ جو نڪرندو آهي" (1)

يعني سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪر اسم کي مونث پڇاڙي لڳائڻ سان بہ اسم تصغيري روپ اختيار ڪري وٺندو آهي. مثال. ماڪوڙو ماڪوڙي، دلو دلي هتي ماڪوڙو جو مونث ماڪوڙي ناهي پر ماڪوڙو وڏو آهي تہ ماڪوڙي ننڍي آهي. جنس جي هئيت ۾ فرق آهي، ٻئي شيون الڳ الڳ آهن.

ان جو مطلب تہ ننڍڙين شين کي اسم تصغير ذريعي نالو بہ ڏنو وڃي ٿو. پلي انهن سان پيار وارو احساس لاڳو نہ بہ هجي. اسم تصغير بابت ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جو موقف مختلف آهي، سندس چوڻ آهي تہ سنڌيءَ ۾ اسم تصغير آهن ئي ڪونہ. "اسم تصغير ۽ اسم تڪبير ٻئي عربي ٻوليءَ جا اصطلاح آهن. جڏهن تہ اسان جي ٻوليءَ ۾ اسم تڪبير جو ڪو نالو نشان ناهي، تہ پوءِ اسم تصغير ڪٿان آيو؟ اسان جي عالمن اهو اصطلاح زوريءَ ٻوليءَ ۾ ٽنبيو آهي، "

هو اڳتي چوي ٿو تہ "اهي اسم تصغير ناهن پر اها سنڌي ٻولي جي هڪ نرالي خاصيت آهي، جيڪا شايد ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ هجي، لفظن ۾ 'ڙو' يا 'ڙي' ملائڻ سان لفظ ۾ جاذبيت، پنهنجائپ، سڪ ۽ اڪير جا جذبا پيدا ٿين ٿا"(2)

آءٌ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي سان ڪنهن حد تائين سهمت آهيان. پر اختلاف اهو آهي تہ اها خاصيت هئيت جي لحاظ کان بهرحال اسم تصغير واري ئي آهي. باقي ٻين ٻولين ۾ اسم تصغير بہ موجود آهن. سنڌيءَ ۾ اسم تڪبير جا بہ مثال ملن ٿا. مثال: گپ مان گپوڙو، ڳالهہ مان ڳالهوڙو، لپ مان لپوڙو، ٿلهي مان ٿلهڙ وغيره اسم تڪبير جا ئي مثال

آهن. ساڳئي وقت اهو مسئلو بہ بحث طلب آهي تہ ڇا ڪي اسم مفعول ساڳئي وقت اسم تصغير بہ ٿي سگهن ٿا؟

مثال ڳُنل ڪڪڙ ڪنل آهي، اسم مفعول آهي. پر سهڻو مان سهڻل، پنهونءَ مان پنهل.

مثال : پنهل ماڻهو آهي. صفت

ڪڪڙ ڪنل آهي، اسم مفعول (ڪابہ تصغيري صورت ناهي. هيءَ صرف فعل جي مفعولي شڪل آهي)

پيرومل آڏواڻي چوي ٿو تہ، ”ڏنو مان ڏنل، ڪنو مان ڪنل. هي ساڳي ”ر“ سنسڪرت واري پڇاڙي آهي، جنهن جو اچار ڦري ”ل“ ٿي پيو آهي، اها اسم مفعول پنيان گڏبي آهي تہ اهو مفعول ٿي ڪم ايندو آهي. هتي بہ صغيرائيءَ جي معنيٰ ڪانهي.

مثال : منو مان منل، سهڻو مان سهڻل، پنهونءَ مان پنهل، اهڙيءَ طرح اسمن ۽ صفتي لفظن پنيان بہ هيءَ پڇاڙي گڏبي آهي تہ اهي قرب يا پيار جا لفظ ٿي پوندا آهن.[3]

منهنجو خيال آهي تہ فعل مان ”ل“ وارو تصغيري روپ ناهي صرف اسم مان ”ل“ ۾ تبديل ٿيڻ اسم تصغير آهي. جيئن گرامر ۾ جملي جي ستاءَ موجب، لفظ جي وياڪرڻي حيثيت بدلجي وڃي ٿي. مثال: پنهنجو نوڪر آهي . هتي پنهنجو ضميري صفت آهي، اهڙيءَ ريت هو ڪلندي آيو. هتي ڪلڻ فعل آهي، جنهن مان ڪلندي اسم حاليہ نهيو. پر ان جي حالت ظرف واري آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪهڙيءَ ريت آيو؟ ڪلندي آيو. گرامر ۾ هر اهو لفظ جنهن مان ريت ، قدر، هاڪار، ناڪار، وقت جي معنيٰ نڪري تہ انهيءَ کي ظرف چئبو آهي. هاڻي غور سان ڏسنداسين تہ اسم، فعل، صفت، ظرف پنهنجي حالت مطابق ظاهر ٿيندا آهن. پر حرف جر، حرف ندا ، حرف جملو سدائين ساڳيا رهندا آهن.

مثال راڻي مان راڻل، ڊنو مان ڊنل (فعل)، گوڙو مان ڪوڙل، هتي ڏيان طلب ڳالهہ اها آهي تہ راڻو يا پنهون اسم آهن. پر ڊهڻ فعل آهي ،جنهن مان ڊنل تصغيري روپ نہ پر اسم مفعول نهي ٿو. جڏهن اسم مان اسم تصغير نهي ٿو تہ ان ۾ ”ڙو“ ، ”ڙي“، ”آٽ“، ”ال“، ”ٽي“، وغيره مختلف طريقن سان ٿي سگهي ٿو. پر جڏهن صفت ، ظرف، فعل مان نهي تہ پوءِ صرف ”ڙو“ يا ”ڙي“ لڳائي ناهيو وڃي ٿو. مثال، ڇڳو مان ڇگڙو، ڪنو ڪنڙو، منو مان منڙو صفت مان اسم تصغير نهيا. پر هتي سهڻو جو اسم تصغير سهڻل ٿيندو ، ان جو مطلب تہ جتي آخر ۾ ”و“ اچي ٿو تہ اهو اسم تصغير وقت ”و“ ڪڍي ”ل“ ڏيئي اسن تصغير نهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ صفت اسم کان اڳ لڳندي آهي، مثال گوڙو پاڻي آهي. صفت پر هتي ڪوڙل پاڻي نہ ٿيندو. ان جو مطلب تہ ڪوڙل اسم تصغير ٿيندو. منو مان منل اسم تصغير ٿيندو، باقي هر صفت مان اسم تصغير ڪو نہ نهندو آهي.

مثال، گدلو هوشيار، تازو ڪوسو ڳاڙهو بيڪار، چالاڪ، سرس، اياڻا، سمورو، وغيره وري جيڪي صفت مان اسم تصغير نهي سگهن ٿا. مثال: سهڻل، ٿلهڙو ڪارڙو سچل، ڪچڙو سنهڙو اڇڙو اهي سڀ صفت تصغير آهن. پر سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ اهي اسم تصغير آهن يا صفت تصغير آهن؟ تہ هتي بہ استعمال موجب ٿيندا. مثال، سهڻل ڪٿي آهي، سچل ڪيڏانهن ويو؟ تہ اسم تصغير جي روپ ۾ ظاهر ٿيا، پر منهنجو ڪارڙو تتر ڪٿي آهي؟ ڪچڙو انب نہ پٽ؟ هتي ڪچڙو صفت تصغير ٿيندي، پر جيڪڏهن چئجي انب ڪچڙو آهي، تہ هتي ڪچڙو اسم تصغير ٿيندو.

فعل جي تصغيري شڪل ناهڻ لاءِ بہ "ڙو يا ڙي " لڳايو ويندو آهي.

مثال: ويو مان ويڙو هوندو ,هوندڙو،
نو نير پائي جان مون هيئڙو جهليو،
ويڙو چنائي، پوئين رات پرين ڏي.[4] (ڪنيات)

ان ريت ظرف ۾ بہ 'ڙ' لڳائڻ سان تصغيري روپ نهندو آهي، جنهن کي ظرف تصغير چئي سگهجي ٿو.

مثال: هٿ مان هٿڙي، هوريان مان هورڙيان، آهستي مان آهستڙي،

باقي ضمير مان تصغيري شڪل ڪو نہ ٿي نهي، جيئن مون، تون، توهان، ڪو ڪنهن، سو جنهن، مان تصغير ڪو نہ نهي ٿو. پر سچل سرمست پنهنجي شاعريءَ ۾ ضمير جي تصغيري شڪل بہ ٺاهي آهي.

مثال:

ڪيچ منهنجڙو ڪم ني، آهي پلو پينر ڙي،
ڪولي ڏيئي غم ني [5]

اڱڻ اسانجي اسانجڙي سائين ڪربلا تون پيرو،
نانوءَ ڏٺي جي دلبر سائين! پاند ڳچيءَ پائين،
ڪج فقير ڏي قيرو [6]

ڊاڪٽر هدايت پريم جو خيال آهي تہ "اسم تصغير اهو نالو آهي، جيڪو ڪنهن شيءِ جي ننڍي روپ لاءِ ڪتب اچي ٿو مثال ڪتولي، باغيچو هٿڙي، سيڳڙي، ڪتابڙو. ڪي ماڻهو اسم تصغير کي سندس ئي روپ جهڙي وڏي شيءِ جنس مونث يا جنس مذڪر ڪري ليکيندا آهن، سو غلط آهي، مثال هٿ جو هٿڙي جنس مونث ناهي، سر جو سروٽو جنس مونث ناهي."[7]

واحد بخش شيخ جو موقف انهيءَ ڳالھ سان سهمت ۽ ابتڙ بہ آهي تہ "اسم تصغير جو استعمال حقارت يا الفت ظاهر ڪرڻ لاءِ ٿيندو آهي. مثال: تون اجا ٻارڙو آهين. هن جملي ۾ ٻارڙو حقارت واريءَ معنيٰ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي"(8)

منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن ٻارڙو چوڻ حقارت آهي تہ ٻارڙي چوڻ ڇا حقارت آهي؟ اهو وقت يا حالت تي ٻارڙو ڪنهن وڏي کي چوڻ ڪنهن حد تائين طنز ضرور آهي پر حقارت ناهي. ٻارڙو گهڻ ۾ گهڻ ٻار کي چوڻ ۾ حقارت ناهي.

هن ڳالھ مان اها ڳالھ واضع ٿئي ٿي تہ جنس جو تعلق اسم تصغير سان ناهي، پر ڪنهن بہ شيءِ کي ننڍڙو ڪرڻ يا تہ شيءِ کي پيارو بنائڻ آهي يا عاجزي، انڪساري ۾ آڻڻ آهي.

حافظ حبيب سنڌيءَ جو چوڻ هو تہ اسم تصغير لاءِ ڪکرالي علائقي وارا "ڙ" جو استعمال ڪندا آهن. مثال يتيمڙو جيتامڙو غريبڙو حرامڙو پتڪولڙو، چورڙو وغيره (9)

هاڻي اسان اڳتي انهيءَ بحث کي ڏسون ٿا.

اسان اسم تصغير کي هيٺين طريقن ۾ ورهائي سگهون ٿا.

1. ڪابہ شيءِ ننڍڙي ڪري پيش ڪرڻ
2. ڪنهن بہ شيءِ کي پيار، نازڪ، سڪ، اڪير وارو بنائڻ
3. ڪنهن بہ شيءِ جي ننڍي ۽ وڏي ۾ تفريق ڪرڻ.
4. ڪنهن بہ شيءِ کي عاجزيءَ ۽ انڪساري سان پيش ڪرڻ
5. ڪنهن بہ شيءِ ۾ هيٺائي يا ڪمزوري ڏيکاري ان جي انڪساري ڪرڻ

1. عام طور اسم تصغير "ڙو" يا "ڙي" سان ظاهر ڪيا ويندا آهي آهن.
مثال : ڪتابڙو، خطڙو، پتڙو ، پنڌ مان پنڌڙو، وغيره

2. هن قسم ۾ اسم تصغير جو مطلب شيءِ کي پيار مان سڏڻو هوندو آهي. مثال خطڙو چيڙن، لاڏلو منڙو، چريٽ، ڪابڙ وغيره

3. ڪي اهڙيون شيون آهن، جيڪي معروضي طور ننڍيون هونديون آهن، انهيءَ ڪري تہ انهن جي مقابلي ۾ وڏيون شيون ساڳيءَ طرح جون موجود آهن، مثال "ڪات" ۽ "ڪاتي" ٻنهي شين ۾ فرق صرف ننڍ وڏائي جو آهي. ڪات ۽ ڪاتي، ماڪوڙو ۽ ماڪوڙي، ٻيرو ۽ ٻيري، ڪٽ، ڪٽولي ، منجو مان منجي، وغيره هتي وڏي ۽ ننڍي شيءِ جي تفريق اسم تصغير سان ڪئي وجي ٿي.

4. ڏنو وڃي تہ آخر ننڍڙي شيءِ جو پيار سان ڪهڙو تعلق آهي؟

5. بنيادي طور تي اسم تصغير سنڌي ثقافت ۽ نفسيات ۾ صوفي مت جو اثر موجود آهي، صوفي ڪنهن بہ شيءِ يا ڪم کي عاجزيءَ ۽ انڪساريءَ ۾ آڻڻ لاءِ اسم

تصغير جو استعمال ڪري، ان مان هيڻاهين ۾ عاجزيءَ جو مطلب ڪڍندو آهي، هيڻاهينءَ لاءِ زوراور شيءِ ،جبل، سمنڊ، ديو بادشاهہ، قاتل، سوداگر، ويڙهو سپهہ سالار ننڍو ٿي سگهي، ڪمزور هئڻ جي علامت مرد جي بہ ننڍي ٿي سگهي، بلڪ سنڌيءَ ۾ مردانگيءَ جو تصور زوراور آهي. تنهنڪري انهن شين ڪي اسم تصغير ننڍو ٿاهي سگهجي. جيڪي شيون ڪمزور آهن. مثال طور: سنڌ ۾ وڏيراڻي سماج ۾ عورت مظلوم هئي، ڪمزور هئي. انهيءَ ڪري ڇوڪريءَ کي نياڻي چيو ويندو هو. نياڻي خالص سنڌي اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب بي زبان، ڪمزور، جيڪا پروس رهي ٿي. اهو اصطلاح سنڌيءَ ۾ ساڳئي وقت نياڻيءَ کي آڌر ڏيڻ لاءِ بہ چيو ويندو هو تہ سنڌي سماج جي رسمي بي وسي کي بہ ظاهر ڪندو هو. جنهن ۾ عورت پيار جي، پرورش، جي قرباني جي، وڇوڙي جي، مظلوميت جي علامت هئي. انڪري اسان جي صوفي شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ پاڻ کي عورت جي روپ ۾ ظاهر ڪيو آهي.

"اديون ويا اُڪري، ڏيئي تنگن تاڻ"[10] (گنج)

"اديون آتڻ واريون، نرجا نڪ ٿيا"[11] (گنج)

سچل بہ جيڏين سان مخاطب ٿئي ٿو.

"آهيان آئون اسرار جيڏيون مون کي ڪير ٿيون پانيو"[12] ص 61

شاهہ جي شاعري ۾ اهڙا لفظ عام ملن ٿا، جن ۾ ويچاري، مئي، ڪنيس، منيس، جيجل، جيڏيون، سرتيون، ماءُ، آيل، اگهي، ڏڏن، وغيره جهڙا لفظ عاجزي، انڪساري، مظلوميت جي عڪاسي ڪن ٿا. تنهنڪري پٿائيءَ جا اسم تصغير انڪساري ۾ عاجزي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيل محسوس ٿين ٿا.

ڪاتي تکي مَ ٿئي، مر منيائي هوءِ،

مان ورمن توءِ مون پريان جا هٿڙا،[13] (2/8 ڪلياڻ) آڏواڻي

هاڻي هتي ڪاتي لفظ ۾ هٿڙا اسم تصغير آهن. پٿائيءَ ڪاتي يا هٿڙو لفظ استعمال ڪيو آهي،. جيڪو اسم تصغير آهي. شڪارپوري لهجي ۾ اسم تصغير گهڻو استعمال ٿيندو آهي. مثال "پائيڙا هٿڙي ويهہ ني!" هاڻي هتي پاءَ مان پائيڙا، هٿ مان هٿڙي، وري ويهہ مان ويهہ ني. هتي مڪمل پيار ۾ پنهنجائپ لاءِ لفظن کي تصغيري روپ ڏنو ويو آهي. وري امر انڪساري جي شڪل ۾ "ني" جو سر لڳايو ويو آهي. امر جا ٻي قسم آهن.

ڊاڪٽر عبد المجيد ميمڻ سنڌيءَ جو چوڻ هو تہ لفظ "ني" جي ڪا جدا معنيٰ ناهي، اهو فعل کي زوردار ۾ چٽو بنائي ٿو. انهيءَ ۾ پيار ۾ پنهنجائپ جو مفهوم بہ سمايل آهي." ڊاڪٽر صاحب اڳتي چوي ٿو تہ شڪارپوري لهجي ۾ اسم تصغير جو گهڻو

استعمال ٿيندو آهي، تصغير جي اچار تي زور ڏيئي انهيءَ کي سهڻيءَ ڍار سان ڏکو ڪندا آهن. انهيءَ ڪري گفتگوءَ ۾ ميناج پيدا ٿئي ٿو.“ [14] ص 80

مثال ويهه، وڃ، امر يا حڪم جو عام قسم آهي. پر جڏهن ڪنهن کي عزت ڏيڻي آهي، تہ ويهجو ويجو پر امر نيازيءَ جا بہ قسم آهن. وڃج، ويهج، اچجو صفا پيار مان فعل امر استعمال جو طريقو اهو سر ”ني“ آهي، شاهہ لطيف وري امر نيازيءَ جي وچ ۾ وڏيڪ سر ملائي ٿو مثال، ڪج مان ڪريج، اچ مان اچيج، چئيج، هن قسم جي امر کي نيازي چئجي يا وري امر پريم، بهرحال اهي بہ عاجزيءَ جو قسم آهن. جيڪو ساڳيو اسم تصغير سان ملي ٿو. سنڌيءَ ۾ صفت ۽ فعل مان بہ تصغير ٺاهيو ويندو آهي، مثال: سنو مان سنڙو، چڱو مان چڱيرڙو، ڪارو مان ڪارڙو، منو مان منڙو، ٿيڻ مان ٿيڙو، ليئو مان ليئڙو، ويو مان ويئڙو وغيره

لالڻ ليئڙو پايون هليو ويو[15] (سچل سرمست)

يا

”ڪيچان آيو قافلو، پليرو پانيان“[16] (شاهہ)

انگريزي ۾ انهيءَ لفظ کي ”Diminutive“ سڏبو آهي، جنهن لاءِ خود پيار وارو تصور موجود آهي،

> “A Diminutive is a word obtained by modifying a root word to convey a slighter degree of its root meaning either to convey the smallness of the object or quality named or to convey a sense of intimacy or endearment”

انگريزي ۾ انهيءَ جا مثال هن ريت آهن.

Charles مان Charlie ۽ chuck

Dear مان Darling

Cat مان kitten

Ring مان Ringlet

Fish مان fishy [17]

ساڳئي وقت سنسڪرت، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ بہ اسم تصغير جو تصور موجود آهي، مثال، باغ مان باغيچہ، بحر مان بحريہ، زبيد مان زبيده عبد مان عبيد، ڪوءِ مان ڪوچہ، اردوءَ ۾ بہ اسم تصغير جا مثال موجود آهن. مثال ڍول مان ڍولڪي، وغيره اهڙيءَ طرح سنڌي جي نرالي خصوصيت اها آهي تہ تصغيري روپ ڳالهائڻ جي ٻين لفظن ۾ موجود آهن. جن جو تعلق صرف عاجزيءَ يا لاڏ ڪوڏ سان آهي. يقيناً اها خصوصيت سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ٻولين کان نرالي آهي.

## نتيجو:

سنڌي ٻولي هڪ فطرتي ۽ ثقافتي ٻولي آهي، جنهن جي ارتقا ۾ هڪ تہ فطرتي بي حجابي، لاڏ ڪوڏ ۽ انڪساري موجود آهي، هڪ ٻيو اهم سبب اهو بہ آهي تہ هن ٻوليءَ تي تمام گهڻو اثر صوفي فڪر جو آهي، صوفيءَ وٽ پهريون درس انڪساري، عاجزي ۽ پيار جو آهي، صوفي مت جي اثر تحت عام ماڻهن جي ٻولي طبقاتي اُوچ نيچ ۽ ذات پات جي وڇوٽين کان بچيل رهي آهي. جنهنڪري عاجزيءَ ۾ يا پيار جتائڻ ۾ ماڻهو لفظن جو تصغيري روپ گهڻو استعمال ڪن ٿا. اها خاصيت صرف اسم ۾ نہ پر فعل، ظرف ۽ صفت ۾ بہ موجود آهي، ڏنو وڃي تہ راڻل، پنهل، سهڻل پياري يا لاڏلي هئڻ جي. هڪ علامت آهي، انهن علامتن ٻوليءَ ۾ پنهنجي ثقافتي حيثيت ٺاهي ورتي آهي، اڄ بہ لاڏن ۾ شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ راڻل، پنهل اسم عام استعمال ٿيندو آهن. هن مقالي مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ تصغيري روپن ڪي گهڻو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جو سبب بہ پيار، انڪساري ۽ لاڏ ڪوڏ آهي، ان کان علاوه صوفي پاڻ کي نيستي ۾ ڳالهائڻ لاءِ حڪم وارا لفظ استعمال نٿو ڪري. جيئن ڪريج، چوئيج، ويهيج، ويڙو وغيره.

## حوالا


1. ارنيسٽ ٽرمپ ڊاڪٽر، مترجم امجد سراج ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ، ڇاپو ٻيو 2017ع. ص 83.
2. ابڙو آفتاب، جديد سنڌي گرامر جي ضرورت، سنڌي ٻولي (تحقيقي جنرل) سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو شمارو پهريون جون 2020ع
3. آڏواڻي ڀيرو مل، وڏو سنڌي وياڪرڻ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ڇاپو 1983ع ص234.
4. شيخ ڀانهون خان، مرتب 'شاهہ جو رسالو'، جلد ..... شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي چيئر 2001ع ص.
5. بيگ مرزا علي قلي، مرتب "رسالو ميان سچل فقير جو"ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع ص
6. ساڳيو ص
7. هدايت پريم ڊاڪٽر ، اترادي ٻولي، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، 1995ع 46.
8. شيخ واحد بخش ، سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1986ع ص 67.
9. سنڌي حافظ حبيب، ماڇر، ڪراچي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو حيدرآباد ، سنڌ 1994ع ص 89
10. گنج ، (الف ب وار ترتيب سان) شوڪت چاچڙ/صفدر مرزا، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2012ع ص 60

11. ساڳيو ص 61
12. مرزا علي قلي بيگ، مرتب "رسالو ميان سچل فقير جو"ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع
ص 61
13. آڏواڻي ڪلياڻ ، رسالو شاهه عبد الطيف ڀٽائي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي،نئون ڇاپو
2004ع .ص 46.
14. ڊاڪٽر عبد المجيد ميمڻ، شڪارپور جي ٻولي، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ،
1992ع ص 80.
15. مرزا علي قلي بيگ، مرتب "رسالو ميان سچل فقير جو" ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع
16. شيخ ٻانهون خان، مرتب 'شاهه جو رسالو'،جلد ٻيو، شاهه عبد اللطيف ڀٽائي چيئر 2001ع
ص.129
17. https://www.google.com/search?q=diminutive+example&sca_esv=7ffbc6d94dac2745&
date 05-05-2025 time 9.00 p source=hp&ei=m-